# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1981
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1981
# سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزشن (ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SINDH AGRITUERAL SUPPLIES ORGANIZATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ X مجريه 1973 جي دفعه 5 ۾ ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Act X of 1973.

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1981
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1981
# سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزشن (ترميم) آرڊيننس، 1981
# THE SINDH AGRITUERAL SUPPLIES ORGANIZATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[6 جنوري 1981]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هيٺين طريقي سان ٺاهيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي حڪم ۽ حڪم برائي قانون (نفاذ ۽ تسلسل) 1977 جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن (ترميم)، آرڊيننس 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ X مجريہ 1973 جي دفعہ 5 ۾ ترميم
Amendment of section 5 of Sindh Act X of 1973

2. سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن ايڪٽ، 1973 جي دفعہ 5 جو هيٺيون متبادل ٺاهيو ويندو:

"5.(1) بورڊ حڪومت جي مقرر ڪيل سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن تي ٻڌل هوندو جنهن جو تعداد 7 کان وڌيڪ نہ هوندو. ۽ ذيلي دفعہ 2 جي تحت آفيشل ميمبرن مان هڪ کي آپريشنل ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويندو."

(1) حڪومت حسب منشا شرطن جي بنياد تي آپريشنل ڊائريڪٽر جي مقرري ڪندي جيڪا هيٺين ڪمن ڪرڻ جي ذميواري هوندو.

(i) بورڊ جي هدايت جي موجب آرگنائيزيشن جي سمورن انتظامي معاملن کي هلائڻ.

(ii) دفعہ 12 جي تحت ٻج ۽ فرٽلائيزيشن حاصل ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ تقسيم ڪرڻ.

(iii) حساب ڪتاب رکڻ ۽

(iv) ۽ هن ايڪٽ جي مقصدن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ٻيا فرض سرانجام ڏيڻ، يا ڪو ڪم جيڪو هن کي سونپيو وڃي.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**